# FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION

**COMPETITIVE EXAMINATION FOR RECRUITMENT TO POSTS**

**IN B.P.S.-17 UNDER THE FEDERAL GOVERNMENT, 2001.**

## SINDHI

**TIME ALLOWED: THREE HOURS** **MAXIMUM MARKS: 100**

---

نوٽ : ڪي به پنج سوال حل ڪريو. سوال نمبر ٦ لازمي آهي، سڀني سوالن جون مارڪون برابر آهن.

١. سنڌي ٻوليءَ جو خمير، واديءَ سنڌ جي سر زمين مان نهيو آهي. مثالن سان هن راءِ تي پنهنجا خيال ظاهر ڪريو.

٢. مثال ڏيئي ثابت ڪريو ته شاهه لطيف جو ڪلام، سنڌي ثقافت جو آئينو آهي.

٣. امر جليل جا افسانا، سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي حقيقت نگاري ڪن ٿا، مثالن سان هن راءِ تي روشني وجهو.

يا

سراج جي ناولن ۾ سنڌ جي مسئلن جي عڪاسي ڪيل آهي. اوهان جي خيال ۾ هن راءِ ۾ ڪيتري قدر سچائي آهي؟

٤. مرزا قليچ بيگ جديد سنڌي ادب جو باني آهي. مثال ڏيئي هن راءِ تي پنهنجا خيال ظاهر ڪريو.

يا

شيخ اياز، سنڌي وائيءَ ۾ نوان تجربا ڪيا آهن. شيخ اياز جي ڪلام مان مثال ڏيئي، هن راءِ تي واضح دليل ڏيو.

٥. لوڪ ادب جي تاريخ مان، جلال ڪٽيءَ، ساوڻ فقير، ابراهيم شاهه يا صابر مورميءَ جي لوڪ شاعريءَ مان ڪنهن به هڪ جي شاعريءَ مان سنڌ جي ثقافت جا عڪس نمودار ڪريو.

يا

ورهاڱي کان اڳ، حيدرآباد جو شهر سنڌي ادب ۾ ڊراماٽڪ سوسائٽين جو مرڪز هو. اوهان جي ڄاڻ موجب حيدرآباد ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ادبي ۽ ڊراماٽڪ سوسائٽيون مشهور هيون؟ انهن سوسائٽين ڪهڙا ڪهڙا اسٽيج ڊراما پيش ڪيا؟
ڪن به ٻن سوسائٽين جي ٻن ڊرامن جو تعارف ڪرايو.

پنو اٿلايو

CSS.COM.PK

## لازمي سوال

٦. (الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

(١) لطف اللطيف ڪتاب ڪنهن لکيو هو؟

(٢) تزڪره لطفي ڪتاب ۾ ڪهڙي موضوع تي لکيو ويو آهي؟

(٣) جنب گذاريم جن سين ڪتاب جو مصنف ڪير آهي؟

(۴) همه اوست ڪتاب ڪهڙي صنف تي ليکل آهي؟

(۵) مارئي رسالي جو ايڊيٽر ڪير هو؟

(ب) هيٺين ڪتابن جو هڪ هڪ جملي ۾ تعارف ڪرايو:

(٦) ياد رفتگان.

(٧) سنڌيون.

(٨) پونر پري آڪاش.

(٩) پيلاين جا پول.

(١٠) مهراڻ جون چوليون.

(ت) لوڪ ادب جي منظوم صنفن مان ڪن ٻه پنجن صنفن جا نالا لکو.

(ث) سنڌي ٻولي ۾ شايع ٿيندڙ ڪن ٻه پنجن رسالن جا نالا لکو.

*********

CSS.COM.PK

